# آئيني جي پٺين حصي کي به
# چمڪايو اسان جي نبي

**28-August-2025**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

28 آگسٽ، 2025ع (بمطابق: 4 ربيع الاول شريف، 1447ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آئيني جي پنين حصي کي ٻ چمڪايو اسان جي نبي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... هر ادا خَتَمِ نبوت جو دَليل

✿... گهڻي شِدَّت واري آيت سڳوري

✿... نيڪي جي دعوت نبين جي سُنّت آهي

✿... اللہ ﷻ رسول جو خليفو ڪير..؟؟

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر بن خطّاب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: چمڪندڙ رات ۽ روشن ڏينهن ۾ مون تي درود موڪليو، بيشڪ توهان جو درود مون تي پيش ٿيندو آهي، مان توهان جي لاءِ دُعا گهرندو ۽ اِسْتِغْفار ڪندو آهيان.[1]

**وضاحت:** چمڪندڙ رات مان مراد جمعي جي رات (يعني اڄ جي رات) ۽ روشن ڏينهن مان مراد جمعةالمُبارَڪ آهي.[2]

آنکھوں سے کیا دَریا جارِی اور لب پہ دُعا پیاری پیاری
رَو رَو کے گزاری شب ساری، اے حامیٔ اُمّت کیا کہنا...!!

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي پياري فضيلت آهي، پيارا مَحْبُوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان گنهگارن جي لاءِ دُعائون بہ فرمائن ٿا، اِسْتِغْفَار بہ فرمائن ٿا. دُعاءِ مصطفٰي جو تہ ماشَآءَالله! شان ئي اهو آهي تہ بس هٿ کڄڻ جي دير هوندي آهي، سڀ بگڙيل ڪم ٺهي ويندا آهن. مولانا حَسَن رضا خان صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکن ٿا:

مَقْبُول ہیں اَبرو کے اِشارے سے دُعائیں | کب تیر کماندارِ نبوت کا خطا ہو[3]

1... الدر المنضود، الفصل الرابع، صفحہ:93۔
2... الدر المنضود، الفصل الرابع، صفحہ:93۔
3...ذوقِ نعت، صفحہ:207۔

يعني محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پِرُون مبارَڪ جو بَس اِشارو ئي ٿي وڃي تہ دُعائُون پُوريون ٿي وڃن ٿيون، هِي اهو مُقَدَّس تِير آهي جيڪو ڪڏهن بہ خطا نٿو ڪائي.

غور فرمايو! جڏهن رسولن جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي لاءِ دُعا فرمائيندا تہ پوءِ ڇو نہ بگڙيل ڪم بڻجندا، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ درودِ پاڪ جي عادَت بڻايون، خاص طور تي جمعي جي رات (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) ۽ جمعي جي ڏينهن ڪَثرت سان درود شريف پڙهون. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي.

| | |
|---|---|
| حکمِ حق ہے پڑھو! درود شریف | چھوڑو مت غافلو! درود شریف |
| پڑھ کے ایک بار، پاؤ دس رحمتیں | خُوب سَودا ہے لو! درود شریف |
| خُود خُدا بھیجتا ہے اُن پر درود | تم بھی بھیجا کرو! درود شریف |
| آخرت کے سفر کو اے بیدلؔ! | نَوشتَہ تم لے چلو! درود شریف [1] |

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞باادب ويهندس ۞خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻڌندس ۞جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...نورِ ايمان، صفحہ:39۔
2...بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

# ثُمامہ بن اُثال جو اسلام قبول ڪرڻ

حضرت ثُمامَہ بن اُثال رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ صحابيءِ رسول آهن، يَمامَہ جا رهاڪو هئا. صحابي ٿيڻ کان پهريان پاڻ اِسلام جا سخت تَرِين دُشمن هئا، هڪ ڀيري هنن رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي (مَعَاذَ الله!) شهيد ڪرڻ جي ڪوشش ٻه ڪئي هئي. پوءِ هنن تي ڪرم ٿيو، اسلام جي دولت سان مشرف ٿيا ۽ صحابي ٻڻجي ويا. ڪين اسلام ڪيئن قبول ڪيائون؟ ان جو واقعو ڏاڍو خوبصُورت آهي.

سن 6 هجري جو واقعو آهي، ٿيو هيئن ته هڪ ڀيري ثُمامَہ بن اُثَال کي قيدي بڻائي بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪيو ويو. پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حڪم ڏنو: هن کي مسجدِ نبوي ۾ سُتون (ٿنب) سان ٻڌي ڇڏيو. حڪم تي فوري طور تي عَمَل ٿيو، ثُمامَہ کي سُتون سان ٻڌو ويو.(1)

اَسِیر جس کو بنا کر رکھیں مدینے میں | تمام عمر رہائی کی وہ دُعا نہ کرے

هنن کي مسجد ۾ ستون(ٿنڀ) سان ئي ڇو ٻڌو ويو؟ عُلَماءِ ڪرام ڏاڍي پياري حڪمت لکي آهي، فرمائن ٿا: ان ڪري ته جيئن هي ستون(ٿنڀ) سان ٻڌل هجن، پياري مَحۡبُوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اٿندي ويهندي، ايندي ويندي، ڏسندا رهن، دِيدار جا جام پيئندا رهن ۽ هنن جي دِل روشن ٿي وڃي. (2). سو ائين ئي ٿيو.

ثُمامَہ کي مسجِد ۾ سُتون سان ٻڌو ويو. محبوبِ ذيشان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا، فرمايائون: ثُمامَہ ڇا حال آهي؟ تون پنهنجي مُتَعَلّق ڇا ٿو سمجهين؟ ثُمامَہ چيو: منهنجو خيال ته سٺو ئي آهي، جيڪڏهن توهان مون کي قتل ڪندا ته هڪ خُوني کي قتل ڪندا (يعني منهنجو بدلو ورتو ويندو)، جيڪڏهن ڇڏي ڏيندا ته شُڪر گذار رهندس، جيڪڏهن مال گهرو ٿا ته ٻڌايو! مان مال حاضِر ڪريان.

---

1... بخاری،کتاب المغازی، باب وفد بنی حنیفۃ...الخ،صفحہ: 1086،حدیث:4372ملخصاً۔
2...مراۃ المناجیح، جلد:5، صفحہ:533۔

بس ايتري ئي گفتگو ٿي، پياري مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجھ نہ چيو ۽ تشريف وٺي ويا. ۞ ٻئي ڏينھن وري فرمايائون: ثُمامَہ چا حال آهي؟ تون پنھنجي مُتَعَلِّق ڇا ٿو سمجھين؟ ثُمامَہ وري اهو ئي جواب ڏنو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڄ بہ خاموش رهيا. ۞ ٽئين ڏينھن وري اهو ئي واقعو ٿيو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا، پڇيائون: ثُمامَہ ڇا حال آهي؟ ثُمامَہ اڄ بہ اهو ئي جواب ڏنو، چيائين: منھنجو خيال سنو ئي آهي، جيڪڏھن قتل ڪندا تہ منھنجو بدلو ورتو ويندو، ڇڏي ڏيندا تہ شُڪر گذار رهندس، مال گھرجي تہ مال ڏيندس.

هاڻي 3 ڏينھن ٿي چڪا هئا، 3 ڏينھن کان ثُمامَہ پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دِيدار جو جام پِي رهيا هئا، پياريون پياريون دِلڪَش ادائون ڏسي رهيا هئا، هاڻي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي حڪم ڏنو: ثُمامَہ کي آزاد ڪري ڇڏيو...!!

اللّٰهُ اڪبر! 3 ڏينھن تائين ادائون ڏيکاريائون، پنھنجي محبّت جو قيدي بڻائي ڇڏيائون، هاڻي فرمائن ٿا: هن کي آزاد ڪري ڇڏيو! هاڻي ڀلا آزاد ٿي ڪيڏانھن ويندو.

خير! صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم حڪمِ شاهِي تي عَمَل ڪيو، ثُمامَہ جون رسيون کولي ڇڏيون، ثُمامَہ مسجد مان نڪتا، ويجھو ئي هڪ باغ هو، اتي ويا، کوھ تي غسل ڪيائون ۽ غسل ڪري واپس مسجد ۾ آيا ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.[1]

گِر کے قدموں پر وہ قرباں ہوگیا | پڑھ لیا کلمہ مسلماں ہوگیا

ڪجھ دير پھريان تائين جيڪو اِسلام جو سخت دُشمن هو، هاڻي اهو ئي ثُمامَہ صِرف ثُمامَہ نہ پر حضرت ثُمامَہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ٿي چڪو هو يعني هاڻي صحابيت جي درجي تي فائِز ٿي دُنيا جي سمورن اَوْلياءِ ڪرام کان مٿانھون رُتبو حاصل ڪري چڪو هو. هاڻي حضرت ثُمامَہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پنھنجن جذبن جو اظهار ڪندي چيو:

1... بخاری،کتاب المغازی، باب وفد بنی حنیفة...الخ،صفحہ: 1086،حدیث:4372ملخصاً۔

يَا مُحَمَّدُ! وَاللّٰهِ مَا كَانَ عَلَى الْاَرْضِ وَجْهٌ اَبْغَضَ اِلَيَّ مِنْ وَجْهِكَ فَقَدْ اَصْبَحَ وَجْهُكَ اَحَبَّ الْوُجُوْهِ اِلَيَّ

ترجمو: يعني يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! خُدا جو قسم! مون کي توهان جي چهري کان وڌيڪ ڪنهن بہ چهري سان نفرت نہ هئي، اڄ سڀ کان مَحْبُوب چهرو توهان جو ئي آهي.

وَاللّٰهِ مَا كَانَ مِنْ دِيْنٍ اَبْغَضَ اِلَيَّ مِنْ دِيْنِكَ فَاَصْبَحَ دِيْنُكَ اَحَبَّ الدِّيْنِ اِلَيَّ

ترجمو: خُدا جو قسم! مون کي سڀ کان وڌيڪ توهان جي دِين سان نفرت هئي، هاڻي اهو ئي دِين سڀ کان وڌيڪ مَحْبُوب آهي.

وَاللّٰهِ مَا كَانَ مِنْ بَلَدٍ اَبْغَضَ اِلَيَّ مِنْ بَلَدِكَ فَاَصْبَحَ بَلَدُكَ اَحَبَّ الْبِلَادِ اِلَيَّ (1)

ترجمو: خُدا جو قسم! توهان جي شهر کان وڌيڪ ڪنهن بہ شهر سان نفرت نہ هئي، هاڻي اهو ئي شهر سيني شهرن کان وڌيڪ محبوب ٿي ويو آهي.

اُن کے جلووں میں ہیں وہ دلچسپیاں | جو وہاں پہنچا، وہیں کا ہو گیا (2)

## دِليون مُنَوَّر ٿي ويون

پيارا اسلامي ڀائرو! رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اَخْلاق، سندن عادتون، سندن مبارڪ اَنداز ڪيڏا پيارا، ڪيڏا نِرالا، ڪيڏا دِل نشين هئا، حضرت ثُمامَہ بن اُثَال رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ صِرْف سندن ادائون ڏنيون، 3 ڏينهن تائين حضور جي اَخْلاق کي رڳو پري کان ڏسندا رهيا، انهيءَ جو ايترو اَثَر ٿيو جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.

ڪیا کشش تھی سرورِ عالَم کے حُسنِ پاک میں | سینکڑوں کُفّار کو دَم میں مسلماں کر دیا
ہو گئی کافُور ظلمت، دِل مُنَوَّر ہو گئے | جس طرف بھی اُس نے اپنا رُوئے تاباں کر دیا (3)

لفظن جون معنائون: ظُلْمت ڪافُور ہونا: اونداهي ختم ٿي وڃڻ. رُوئے تاباں: روشن، چمڪدار، نُور وسائيندڙ چهرو.

1... بخاری،کتاب المغازی، باب وفد بنی حنیفة...الخ،صفحہ: 1086،حدیث:4372۔
2... ذوق نعت،صفحہ:35۔
3... قبالۂ بخشش،صفحہ:19۔

# هر ادا خَتمِ نبوت جو دليل

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ ڏاڍي خوبصورت ۽ ايمان افروز نڪتي جي ڳالھ آهي، مُسَيْلِمَه ڪذّاب جيڪو نبوت جو ڪوڙو دعويدار هو، ان پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري زندگي مبارڪ ۾ ئي نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪري ڇڏي هئي. هي ڪذّاب بہ يَمَامَہ جو رهاڪو هو. حضرت ثُمامَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مسلمان ٿيڻ کان پهريان مُسَيْلِمَہ ڪذّاب ڏانهن مائل هئا، ان کي نبي مڃيندا هئا، هڪ ڀيري ان جا قاصِد بڻجي مديني بہ آيا هئا.

هاڻي هتي ڪمال ڏسو! حضرت ثُمامَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جيسين تائين ڏٺو نہ هو، تيسين تائين مُسَيْلِمَہ ڪذّاب کي نبي مڃي وينا هئا، جڏهن پياري مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پياريون ادائون ڏٺائون، ويجهي کان دِيدارِ پاڪ جو شرف حاصل ڪيائون تہ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ: پياري نبي، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو پاڪ، مقدَّس حُسْن ۽ پياريون پياريون ادائون سندن شانِ خَتْمِ نبوت جو دليل هيون، جڏهن حضرت ثُمامَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اهي ادائون ڏٺيون تہ سمجهي ويا تہ مُسَيْلِمَہ ڪذّاب بدبخت ڪوڙو آهي، خَتْمِ نبوت جو تاج تہ ان پياري مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سِرَ پاڪ تي سجي چڪو آهي.

تری صُورت، تری سیرت زمانے سے نِرالی | تری ہر ہر ادا پیارے دلیلِ بے مثالی ہے

**وضاحت:** يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي صُورتِ پاڪ، سيرتِ پاڪ سڀ کان نِرالي آهي، توهان جي هر هر ادا پاڻ ان ڳالھ جو دليل آهي تہ توهان بي مثل ۽ بي مثال آهيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# دُنيا روشن ڪرڻ لاءِ آيا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُبَلِّغ اعظم آهن، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اتي نبي بڻجي تشريف فرما ٿيا،

جتي صدين کان ڪو بہ نبي تشريف ڪٺي نہ آيو هو. ڪمال اهو آهي تہ پاڻ ﷺ هيناهين واري ڪڌ ۾ ڪريل قوم کي سنواري زماني جو امام بڻائي ڇڏيو. الله پاڪ فرمائي ٿو:

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَۚ وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ(۱۶۴)

(پارو:4، سورۃ آلِ عمران:164)

ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ الله ايمان وارن تي وڏو احسان فرمايو جڏهن انهن ۾ هڪ رسول موڪليائين جيڪو انهن ئي مان آهي- اهو انهن جي سامهون الله جي آيتن جي تلاوت فرمائيندو آهي ۽ انهن کي پاڪ ڪندو آهي ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏيندو آهي جڏهن تہ اهي ان کان اڳ ۾ کليل گمراهيءَ ۾ هئا.

هي آيت سڳوري اسان پهريان بہ ڪيترائي ڀيرا ٻڌي هوندي، مان جنهن طرف تَوَجُّہ ڏيارڻ چاهيان ٿو، اهو هن آيت سڳوري جو آخري حصّو آهي، فرمايو ويو:

وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ(۱۶۴)

(پاره:4، سورۃ آلِ عمران:164)

ترجمو ڪنز العرفان: جڏهن تہ اهي ان کان اڳ ۾ کليل گمراهيءَ ۾ هئا.

يعني حُضُورِ اڪرم، نورِ مُجَّسَم ﷺ جي تشريف آوري کان پهريان پُوري دُنيا خاص ڪري اَهْلِ عرب ۞ عقيدن ۞ اَعْمال ۞ اَخْلاق ۽ ڪردار وغيره هر قسم جي گمراهين ۾ مُبتَلا هئا.

اللّٰہُ اڪبر! اها قوم جيڪا هر طرح سان هيناهين جو شڪار هئي، دُنيا ۾ اونداهي ئي اونداهي ڇانيل هئي ۞ شرڪ عام هو ۞ تَوْحِيْد جي سڀ کان وڏي مرڪز يعني ڪعبي شريف کي بہ شِرْڪ جي گندگي سان لٿڙيو ويو هو ۞ جيئرن انسانن کي ڪَٽي پٿرن جي اڳيان قربان ڪيو ويندو هو ۞ جانور بہ پنهنجن ٻچن جي حفاظت ڪندا آهن پر ان دور جو انسان ايترو سخت دِل هو جو پنهنجين ئي ڌيئرن کي زنده دفن ڪري ڇڏيندو هو ۞ مائرن، ڀينرن، ڌيئرن جون عزتون نيلام ٿي رهيون هيون ۞ ڀيءُ فوت ٿيندو هو تہ پٽ

پنهنجي ماءُ کي بہ وراثت جو مال سمجهندا هئا، مائرن کي غلام طور وڪڻي ڇڏيندا هئا يا پنهنجي ئي زال ٻڌائي رکندا هئا ۞ بدڪاري عام هئي ۞ شراب، جوا، چوري چڪاري، قرلٽ جي ڪثرت هئي ۞ ننڍين ننڍين ڳالهين تي ڪڏهن جهيڙو شروع ٿيندو هو تہ سالن سالن تائين جنگ جاري رهندي هئي ۞ هڪ معمولي ڳالهہ تي سوين بلڪ هزارين ماڻهن کي قتل ڪيو ويندو هو ۞ ڪجهہ مُعَاشرن ۾ اها رَسْم بہ هئي تہ بادشاهہ مرندو هو تہ ان جي لاش کي وڏي غار ۾ رکندا هئا، ساڻس لذيذ کاڌا رکندا هئا ۽ ڪيترائي جيئرا غُلام ۽ ٻانهيون بہ غار ۾ ڇڏي غار جو دروازو بند ڪري ڇڏيندا هئا.

اوهان اندازو لڳايو تہ انهن جيئرن غُلامن جو ڇا حال هوندو، ڪيترا ڏينهن بک ۽ اُڃ سان تڙپندا هوندا تہ انهن تي ڇا گذرندي هوندي پر افسوس! دُنيا ظُلْم ۽ سِتَم جي اونداهين ۾ گهيرجي چڪي هئي، احساسَ دفن ٿي چڪا هئا.

پياري مَحْبُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ڏسو! پاڻ سڳورن اهڙي قوم کي پنهنجون پُرنور ادائون ڏيکاري، پنهنجي پياري پياري اخلاق سان ڪين ايترو تہ متاثر ڪيو جو ڪين عالِم بہ ٻڌائي ڇڏيو.۞ باطِن سنواري دِليون روشن بہ ڪري ڇڏيون! ۞ انهن کي ڪتاب بہ سيکاريو ۞ حڪمت بہ سيکاري ۞ ۽ اِنهيءَ چئني طرفن کان هيناهين ۾ گهيريل قوم کي قيامت تائين ايندڙن جو امام ۽ پيشوا ٻڌائي ڇڏيو.

وہ دانائے سُبُل، خَتمِ رُسُل مولائے کُل جس نے
غُبارِ راہ کو بخشا فروغِ وادئ سینا(1)

## آئيني جي پٺين حصي کي بہ چمڪايو اسان جي نبي

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيڏي پياري ڳالهہ لکن ٿا:

سب چمک والے اُجلوں میں چمکا کئے | اندھے شیشوں میں چمکا ہمارا نبی(2)

1...کلیات اقبال، بالِ جبریل، صفحہ:363۔
2...حدائقِ بخشش، صفحہ:140۔

هن شعر کي ٿورو تَوَجُّہ سان سمجهو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڏاڍي ڳِهري ڳالهہ ڪئي آهي: مثال طور هڪ آئينو آهي، ان تي مٽي پئجي وئي، سال بہ سال گذري ويا، ان آئيني تي مٽي ائين ئي پيل رهي، ڄمي وئي، اهو آئينو گهڻو ميرو ٿي ويندو پر هاڻي بہ اهو آئينو اهڙو آهي جو ان کي صاف ڪبو، آلو ڪپڙو لڳائبو، سٺي طريقي سان ان جي صفائي ڪبي تہ اهو وري پهرين وانگر چمڪي پوندو. ٻئي طرف هڪ آئينو آهي، ان جي پويان رنگ لهي ويو، ان تي زنگ چڙهي ويو، هاڻي ان کي جيترو بہ گهڻو رڳڙبو، جيترو بہ صاف ڪبو، اهو پهرين جهڙو چمڪدار نہ ٿيندو.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائي رهيا آهن: پهريان جيڪي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام تشريف فرما ٿيا، اهي جن ڏانهن موڪليا ويا، اهي پهريان کان ئي چمڪ وارا هئا، ڏسو! ۞ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل ڏانهن نبي بڻائي موڪليا ويا، بني اسرائيل نبين جو اولاد هئا، اللّٰه پاڪ تي بہ ايمان رکندا هئا، نبين کي بہ مڃيندا هئا ۞ حضرت يوشع عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل جا نبي آهن ۞ حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل جا نبي آهن ۞ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل جا نبي آهن ۞ حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام ۞ حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل جا نبي آهن ۞ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بہ بني اسرائيل جا نبي آهن، اهي ماڻهو نبين جو اولاد هئا، اللّٰه پاڪ تي بہ ايمان رکندا هئا، قيامت کي بہ مڃيندا هئا، اللّٰه پاڪ جي ڪتابن کي بہ مڃيندا هئا، نبوت تي بہ ايمان رکندا هئا، بس گُنَاهن جي ڪري انهن جي دِلين تي مٽي پيل هئي، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام وڏي محنت ۽ اِنتهائي مهارت سان انهن جي دِلين تان مٽي هٽائي، انهن جي چمڪدار پر مٽي سان پريل دِلين کي ٻيهر چمڪائي ڇڏيو، يقيناً هنن وڏو ڪمال ڏيکاريو، پر آمنہ جي لال، رسولِ بي مثال صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ئي نِرالو آهي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان قوم ۾ نبي بڻائي موڪليو ويو، جن وٽ 4 هزار سالن کان ڪو بہ نبي نہ آيو هو، عرب ۾ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام نبي ٿيا، ان کان پوءِ ڪو بہ نبي عَلَيْهِ السَّلَام اَهْلِ عرب جي اِصْلاح جي لاءِ تشريف فرما نہ ٿيو، هاڻي ان قوم جي حالت نهايت بدتر ٿي چڪي هئي، اهي اللّٰه پاڪ جي تَوْحِيد کي بہ نہ مڃيندا هئا، نبين تي بہ

ايمان نہ رکندا هئا، آخرت کي بہ تسليم نہ ڪندا هئا، اهي ڄاڻندا ئي نہ هئا تہ نبوت ڇا ٿيندي آهي، انهن جون دِليون مٽي سان پريل نہ هيون پر زَنگ لڳل انهن آئينن وانگر ٿي ويون هيون. پياري مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي بي مثال ڪردار جي ذريعي انهن زنگ لڳل آئينن کي چمڪائي زماني جو امام بڻائي ڇڏيو آهي.

کھلی اسلام کی آنکھیں، ہوا سارا جہاں روشن
عرب کے چاند صدقے! کیا ہی کہنا تیری طلعت کا

## نيڪي جي دعوت ۾ مشڪلاتون

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن زنگ لڳل آئنن يعني بلڪل مُرده ٿيل دِلين کي سڌي رستي تي آڻڻ آسان ڪم نہ هو، انهن جي حالت اها هئي جو پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ هوندا هئا، قرآنِ پاڪ جو آواز ٻڌي ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيندا هئا. حج جو موسم ايندو هو، ماڻهو پري پري کان مڪي پاڪ ڏانهن اچڻ لڳندا هئا تہ مڪي پاڪ جي رستن تي باقاعده ماڻهو ويهاريا ويندا هئا، جن جو بس اهو ئي ڪم هوندو هو تہ هر ايندڙ کي روڪيندا هئا، ان کي چوندا هئا: ڏس...!! مڪي پاڪ ۾ هڪ جادُوگر آهي، جيڪو ان جي ڳالهہ ٻڌي ٿو، اهو ان جو ئي ٿي وڃي ٿو، اهو پٽن کي پيءُ کان، مڙس کي زال کان جدا ڪري ڇڏي ٿو، تنهنڪري ان جي ڳالهہ نہ ٻڌجان.

## جڏهن ڪنن ۾ قرآن جو آواز پيو

طفيل بن عَمْرو دَوسِي عرب جو مشهور شاعِر ۽ ڏاڍو عقلمند هو، هڪ ڀيري پاڻ مڪي پاڪ آيا، مڪي جي ڪافرن چيو: خبردار...!! مُحَمَّد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان نہ ملجان، هرگز انهن جي ڳالهہ نہ ٻڌجان، انهن جي ڪلام ۾ جادُو آهي، جيڪو ٻڌي ٿو، بس انهن جو ئي ٿي وڃي ٿو.

اهي ڳالهيون ٻڌي جناب طفيل دوکي ۾ اچي ويا، هنن پنهنجن ڪنن ۾ ڪپهہ ڀري ڇڏي تہ ڪٿي قرآن جو آواز ڪنن ۾ نہ پئجي وڃي. پر اَلْحَمْدُ لِلّٰه!

انهن جي قسمت جو ستارو چمڪي رهيو هو، هڪ ڏينهن صبح جو وقت هو، هي ڪعبي جي حرم ۾ پهتا، ڏٺائون تہ رسولِ ذيشان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نمازِ فجر ۾ اوچي آواز سان تِلاوت فرمائي رهيا آهن.

اللّٰهُ اڪبر! قرآنِ ڪريم جهڙو پيارو پيارو ڪلام ۽ مَحْبُوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نِرالي زبان...!! قرآن تہ هونءَ ئي دِلين کي روشن ڪري ڇڏيندو آهي، جڏهن پياري مَحْبُوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زَبانِ پاڪ سان پڙهيو وڃي، تہ پوءِ ان جي تاثِير ڪيئن نہ هوندي. جناب طفيل جي ڪن ۾ جڏهن قرآنِ پاڪ جو آواز ويو تہ اوچتو ئي سڪتي ۾ اچي ويا، يعني حيراني سان بيهي رَهيا، هڪ هڪ لفظ تاثِير جو تِير بڻجي انهن جي دِل ۾ لهندو ويو ۽ هي بيهي ٻڌندا رهيا. جڏهن پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز مان فارِغ ٿيا، گهر مبارَڪ ڏانهن هليا تہ جنابِ طفيل بہ بيتاب ٿي پويان پويان هليا، پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خِدْمت ۾ عرض ڪيائون: حُضُور...!! مون کي ڪلمو پڙهائي پنهنجو غُلام بڻايو! (1)

اے ماہِ عرب! مہرِ عجم! میں ترے صدقے | ظلمت نے مِرے دن کو شبِ تار بنایا
لِلّٰہ! کرم میرے بھی ویرانۂ دل پر | صحرا کو ترے حُسن نے گلزار بنایا (2)

## گهٽي شِدَّت واري آيت سڳوري

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: محبوبِ ذيشان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خِدْمت ۾ سُوال ٿيو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! قرآنِ ڪريم جي ڪهڙي آيت اوهان تي گهٽي شِدَّت واري هئي...؟ فرمايائون: هڪ ڀيري حَجّ جو موسم هو، عرب جا مشرڪ مڪي ۾ گڏ هئا، مان مِنيٰ ۾ موجود هئس. ان وقت حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام آيا ۽ هي آيت نازل ٿي:

يٰۤاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَاۤ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ (پارو:6، سورۂ مَآئِدہ:67)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي رسول! جيڪو ڪجهہ اوهان ڏانهن اوهان جي رب جي طرف کان نازل ڪيو ويو ان جي تبليغ فرمايو.

1...اسد الغابہ، جلد:3، صفحہ:77 ملخصاً.
2...ذوقِ نعت، صفحہ:49.

پوءِ هي حُڪْمِ اِلٰهي بڌي مان بيهي رهيس، مون ماڻهن کي سڏي چيو: اي انسانو...!! مان توهان ڏانهن الله پاڪ جو رسول آهيان، لَآاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہ چئو! ۽ نِجات حاصل ڪيو...!! جيڪڏهن توهان هي ڪندؤ تہ توهان لاءِ جنّت آهي.

بس اهو ٻڌڻ جي دير هئي چا ٻارَ، چا جوان، چا عورتون، سڀني مون تي حملو ڪيو، ڪنهن مون تي مٽي وڌي ۽ ڪو پٿر هڻڻ لڳو. ان دوران ڪنهن مون کي چيو: اي مُحَمَّد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن توهان نبي آهيو تہ انهن جي خِلاف ائين ئي هلاڪت جي دُعا فرمايو! جيئن حضرت نُوح عَلَیْہِ السَّلَام ڪئي هئي.

الله! الله! مڪي مَدَني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رحمت ۽ مهرباني جو عالَم ڏسو! ڪو پٿر وسائي رهيو آهي، ڪو مٽي وجهي رهيو آهي، ماڻهو مَعَاذَ الله! توهين ڀريا جملا چئي رهيا آهن، ان عالَم ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دُعا ڪئي، چيائون: اَللّٰهُمَّ اهْدِ قَوْمِي فَاِنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ اي الله پاڪ! منهنجي قوم کي هِدايت عطا فرماءِ، بيشڪ هي ڄاڻن نٿا. (1)

سلام اُس پر کہ اَسْرَارِ محبّت جس نے سمجھائے
سلام اُس پر کہ جس نے زَخم کھا کر پُھول برسائے
سلام اُس پر کہ جس نے خُوں کے پیاسوں کو قَبَائیں دِیں
سلام اُس پر کہ جس نے گالیاں سُن کر دُعائیں دِیں

## ڪافرن جي گهيري ۾

مسلمانن جا چوٿان خليفا مشڪل ڪشا عَليُّ المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ڪافرن هڪ ڀيري ٻنهي جهانن جي تاجدار، نبين جي سردار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي گهيري ورتو، هنن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ظُلم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ چوندي وجي رهيا هئا تہ تون ئي اهو شخص آهين جيڪو صِرف هڪ خدا جي عبادت جو حڪم ڏين ٿو. حضرت عليُّ الْمُرْتضىٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ (جيڪي ان

1...تفسير درمنثور، پاره:6، سورۀ مائده، زيرِ آيت:67، جلد:3، صفحه:117.

وقت ڪافي ننڍي عمر جا هئا) فرمائن ٿا تہ ايتري ۾ حضرت ابوبڪر صِدّيق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ مردانگي سان اڳتي وڌيا ۽ ڪافرن کي ماريندا، ڌڪيندا، ڪيرائيندا، هٽائيندا پياري آقا، مڪي مَدَني صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تائين پهچي ويا ۽ نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي انهن ظالمن جي گهيري مان ڪڍي ورتائون. ان وَقت حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي مبارَڪ زَبان تي سيپاري 24 سورت المؤمن جي آيت نمبر 28 جاري هئي: (1)

| | |
|---|---|
| اَتَقۡتُلُوۡنَ رَجُلًا اَنۡ یَّقُوۡلَ رَبِّیَ اللّٰہُ<br>(پارو:24، سورۂمؤمن:28) | ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا توهان هڪ مرد کي ان سبب قتل ڪرڻ چاهيو ٿا جو اهو چئي ٿو تہ منهنجو رب الله آهي. |

## چادر جو ڦندو

هڪ ڀيري مڪي جا ڪافر ڪعبي شريف جي پر ۾ ويٺا هئا ۽ پيارا آقا، مٺا مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (مقامِ ابراهيم جي ويجهو) نماز پڙهي رهيا هئا. عُقبه بن اَبي مُعِيط نالي ڪافِر پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي گردن مبارَڪ ۾ چادر جو ڦندو وجهي سختي سان مُبارَڪ ڳلو گُهٽڻ شروع ڪيو. حضرت ابوبڪر صِدّيق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڊوڙندا آيا ۽ ان کي (يعني عُقبه بن ابي مُعِيط کي) پوئتي هٽايو. (2)

حَرم کی سرزمیں پر آپ پڑھتے تھے نَمازاکثر
ہمیشہ اُس گھڑی کی تاک میں رہتے تھے بدگوہر
کوئی آقا کی گردن گُھونٹتا تھا کَس کے چادر میں
کوئی بدبخت پتّھر مارتا تھا آپ کے سر میں

## جيڪو ڪم انهن کان ٿيو، پورو ٿيو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَندازو لڳايو! جيڪي ماڻهو ڳالهہ ٻڌڻ جي بدران، اُبتو ظُلم ۽ ستم جا پهاڙ ٽوڙي رهيا هجن، اهڙن کي سمجهائڻ، سڌي رستي تي

---

1...المواہب اللدنیہ مع شرح الزرقانی، المقصد الاوّل، ذکر اول من امن...الخ، جلد:1صفحہ:470 بتصرف۔
2...المواہب اللدنیہ مع شرح الزرقانی، المقصد الاوّل، ذکر اول من امن...الخ، جلد:1صفحہ:469۔

آٽڻ ڪيترو مشڪل تَرِين ڪم هوندو. پر قربان وڃجي! محبوبِ ذيشان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ئي نِرالو آهي. مولانا حسن رضا خان صاحِب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا:

کام جو اُن سے ہُوا پُورا ہوا | اُن کی جو تدبیر ہے، تقدیر ہے(1)

وضاحت: يعني نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو بہ ڪم ڪن ٿا، پُورو ئي ڪن ٿا، سندن تَجْوِيْز، ترڪيب ۽ ڪم جو انداز مبارَڪ تَقْدِير جي عين مُطَابِق هوندو آهي بلڪ حق اهو آهي تہ جيڪو مَحْبُوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي ڇڏين، اهو ئي تقدير بڻجي وڃي ٿو.

قوم جي حالت جيتوڻيڪ بلڪل بي حال هئي، پياري مَحْبُوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۞ ڪنهن کي معجزا ڏيکاري ۞ ڪنهن کي قرآن سيکاري ۞ ڪنهن کي پنهنجين پيارين پيارين ادائن جو عاشق بڻائي ۞ ڪنهن کي حُسْنِ اَخْلاق جو جَلْوو ڏيکاري پنهنجو بڻايو ۽ هدايتن جي معراج تائين پهچائي ڇڏيو.

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ سُنّتِ انبياء آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مشڪلاتون برداشت ڪري بہ نيڪي جي دعوت کي عام فرمايو، اسان کي بہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ گهرجي، هي نيڪ ڪم سُنّتِ مصطفٰي بہ آهي، سُنّتِ انبياء عَلَيۡهِمُ السَّلَام بہ آهي، حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان وٺي سڀ کان آخري نبي، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين جيترا بہ نبي تشريف فرما ٿيا، سڀني جي آمد جو اَصْل مقصد نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ئي هو.

## بهترين ماڻهوءَ جون نشانيون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ڪنهن حُضُورِ انور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو: بهترين ماڻهو ڪير آهي؟ فرمايائون: الله پاڪ کان ڊڄڻ وارو، صله رحمي (يعني مٽن مائٽن سان سٺو سلوڪ) ڪرڻ وارو، سٺيون ڳالهيون ٻڌائڻ وارو ۽ بُراين کان روڪڻ وارو. (2)

1...ذوقِ نعت، صفحہ:224۔
2...شُعَبُ الايمان، باب فی صلة الارحام، جلد:6، صفحہ:220، حديث:7950۔

# اللہ ۽ رسول جو خليفو ڪير...؟

امام حَسَن بَصَرِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو سنين ڳالهين جو حڪم ڏئي، بُرائن کان روڪي، اهو اللہ پاڪ جو بہ خليفو آهي، ان جي رسول (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو بہ ۽ ان جي ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم) جو بہ خليفو آهي. (1)

# نيڪي جي دَعوَت ڇڏي ڏيڻ جا نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن نيڪي جي دَعْوَت ڏيڻ بهترين عبادت آهي، ائين ئي هي دِيني ڪم ڇڏي ڏيڻ بدتَرين جُرْم آهي. روايت ۾ آهي: جيڪڏهن مسلمانن تبليغ ڇڏي ڏني تہ انهن تي ظالِم بادشاه مُسَلَّط ٿيندا ۽ انهن جون دُعائون قبول نہ ٿينديون. (2)

اللّٰہُ اڪبر...!! اللہ پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. اسان سيني کي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ لڳي وڃڻ گهرجي.

# يومِ دعوتِ اسلامي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اڄ جي هن فتنن سان ڀريل دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي دُنيا ڀر ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري تنظيم آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! 2 سيپٽمبر اچڻ وارو آهي. هر سال 2 سيپٽمبر تي يومِ دعوتِ اسلامي ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو آهي.

| | |
|---|---|
| يومِ دعوتِ اسلامی کا جشن ہے گھر گھر | مصطفٰے کے دیوانے، کیوں نہ جھومیں خوش ہو کر |
| ہم کو دعوتِ اسلامی کا ہے دیا ماحول | تیرا شکر ادا کیوں کر ہو خُدائے بحر و بر! |
| آؤ دعوتِ اسلامی پلائے گی پیاسو! | اُلفت مُحَمَّد کے خوب جام بھر بھر کر |
| جس کو دعوتِ اسلامی خُدا نے دی عطّار | خوش نصیبی ہے اُس کی ہے بڑا وہ بختاور |

1...تفسير روح المعانی، پارہ:4، سورۃ اٰل عمران، زیرِ آیت:104، جلد:4، صفحہ:326ملتقطاً۔
2...تفسير روح المعانی، پارہ:4، سورۃ اٰل عمران، زیرِ آیت:104، جلد:4، صفحہ:326ملتقطاً۔

# دعوتِ اسلامي ڪڏهن ٿهي

۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سيپٽمبر 1981ع ۾ دعوتِ اسلامي جو آغاز فرمايو ۞ پاڻ هي مَدَني مقصد اختيار ڪيو تہ مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصْلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، پوءِ ان مَدَني مقصد کي اپنائي پاڻ نہ ڏينهن ڏٺو نہ رات، مسلسل ڪوشش ڪندا رهيا، ڪندا رهيا، ايستائين جو الله پاڪ جي ڪرم ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نَظْرِ عِنَايت سان، اولياءِ ڪرام جي فيضان سان دعوتِ اسلامي جو دِيني پيغام سڄي دُنيا ۾ عام ٿي ويو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مسلسل ڪوششن سان ۞ جيڪي بي نمازي هئا، نمازي بڻيا، بلڪ مسجدن جا امام بڻجي ويا ۞ بدنگاهي ڪرڻ وارا حياءَ وارا بڻيا ۞ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارا باادب ٿي ويا ۞ چور ۽ ڌاڙيل آيا، تائب ٿيا، چوري، ڌاڙا ڇڏي مُعَاشَري جا شريف انسان بڻجي ويا ۞ حَسَد جي باھ ۾ سڙندڙ شڪر گذار ۽ خير خواھ ٿي ويا ۞ فلمن ۽ گانن جا شوقين نعتِ مصطفٰي پڙهڻ ٻڌڻ وارا بڻجي ويا ۞ دُنيا جي گندي گناهن پريل عشق جا شيدائي، پياري مصطفٰي، مڪي مَدَني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زُلفن جا ديوانا ٿي ويا ۞ مال ۽ دولت جي پويان ڊوڙڻ وارا رِضاءِ اِلٰهي جا طلبگار ٿي ويا ۞ شرابي آيا، توبہ ڪري پاڪيزه انسان بڻيا ۞ غافِل آيا، عبادت گذار بڻجي ويا ۞ پٽڪيلن کي سڌو رستو ملي ويو ۞ هزارين ڪافِرن کي اسلام جي نعمت نصيب ٿي. ائين هڪ هڪ بہ بہ ايندا ويا، نيڪي جي دعوت جي ان سفر ۾ سندن سان گڏ ملندا ويا، ڪاروان بڻجندو ويو ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه! نيڪي جي دعوت جو هي ديني پيغام سڄي دُنيا ۾ پهچي ويو.

اے امیرِ اہلسنت تیری شوکت زندہ باد | تجھ سے دُنیا بھر میں ہے دِیں کی اشاعت زندہ باد
تیری مجلس میں گئے جو بن گئے صالح سعید | نوجواں پر ہو ترا فیضانِ صحبت زندہ باد
گوشہ گوشہ دنیا کا ہونے لگا ہے فیض یاب | عام ہر سُو ہو گیا فیضانِ سُنَّت زندہ باد[1]

1...مناقب عطار، صفحه:15-16ملتقطاً.

# دعوت اسلامي جا شعبا

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ۞ ڪنز المدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي ۞ تقريبًا 16 هزار 500 کان وڌيڪ جامعات ۽ مدارس المدينه (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تَخَصُّصَات (Specialization)، فرائض علوم ڪورسز ڪرايا وڃن ٿا ۞ جامعات ۽ مدارس المدينه (بوائز اينڊ گرلز) ۾ شاگردن جو تعداد 5 لک 30 هزار کان وڌيڪ آهي ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هينئر تائين تقريبًا 74 هزار 887 مدارس المدينه بالغان ۽ بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ پڙهندڙن جو تعداد تقريبًا 4 لک 26 هزار کان وڌيڪ آهي ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريبًا 24 هزار شاگرد ۽ شاگرديائيون ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۞ هينئر تائين تقريبًا 21 دار الافتاءِ اهلسنت قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد ماهانه اوسطًا 20 هزار آهي ۞ المدينة العلميه (اسلامِڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم انجام ڏنو پيو وڃي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن شعبي تحت هينئر تائين تقريبًا 1784 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ٿي چڪو آهي، هن شعبي ۾ ڪيئي مدني علماءِ ڪرام خدمتون سرانجام ڏين ٿا، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده پگهارون ڏئي ٿي ۞ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو مڪتبة المدينه قائم ڪيو، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز سان ڪتاب شايع ڪيا وڃن ٿا، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتاب ۽ رسالا مفت تقسيم ڪرڻ) جو ٻه سلسلو هوندو آهي ۽ ڪتاب وڪرو ٻه ٿيندا آهن ۞ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جو پورو تنظيمي سيٽ اپ آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر،

ڳوٺ ڳوٺ ذميدارَ موجود آهن ۞ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪمن لاءِ ملڪ ۽ ٻيرونِ ملڪ موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فَارِغُ الْبَال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواھ) ٿي ڪري دِين جي خدمت ڪن ٿا ۞ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي ۞ پرنٽ ميڊيا (جنهن ۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو جاري آهي جيڪو هن وقت دُنيا جي 7 وڏين ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ ڪثير الاشاعت ماهنامو آهي) ۞ سوشل ميڊيا (مثال طور، يوٽيوب (Youtube)، فيسبڪ (Facebook)، انسٽاگرام (Instagram) وغيره) تي تقريبًا 100 اڪائونٽس آهن، جن تي تقريبًا 50 ملين (Million) يعني 5 ڪروڙ فالورز (Followers) آهن جڏهن تہ وِيُوز جو تعداد بلينز (Billions) يعني 100 ڪروڙ کان بہ مٿي پهچي وڃي ٿو ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگلش، بنگلا، ڪِڊْز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي ۞ آئي ٽي جي شعبي طرفان هن مهل تائين 32 موبائل ايپليڪيشنون ۽ 40 اسلامڪ ويب سائيٽون لانچ ڪيون ويون آهن ۞ سڄي دنيا ۾ مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف جو شعبو قائم آهي، جنهن تحت هينئر تائين ۞ 34 لک 16 هزار 673 بوٽا لڳايا ويا آهن ۞ تقريبًا 76 لک 82 هزار 958 ماڻهن جي امداد ڪئي وئي آهي ۞ 5 هزار 566 گهرن جي تعمير ڪئي وئي آهي ۞ 75 هزار 721 خون جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هينئر تائين 61 هزار 667 مريض وزٽ ڪري چڪا آهن.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان بہ دين جي هن ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو! نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي عادَت بڻايو! ۞ هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪندا ڪريو! ۞ 12 دِيني ڪمن ۾ خوب وڌي حصّو وٺندا ڪريو! ۞ هڪ تمام اَهَم دِيني ڪم: قافلو آهي. ان کي جيڪڏهن اسان مضبوطي سان پڪڙيون تہ اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيم! دُنيا ۽ آخرت جون گهڻيون ڀلايون نصيب ٿينديون.

قافلي ۾ فرض عِلْمِ دِين سيکاريو ويندو آهي ۞ سنتون سيکاريون وينديون آهن ۞ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ۞ قافلي جي بَرَڪت سان دُعائون پُوريون ٿيڻ ۞ مشڪلاتون ٽَرَڻ ۞ بيمارين مان شِفا ملڻ جا بہ سوين واقعا آهن ۞ ائين بہ ٿيو آهي تہ قافلي ۾ سَفَر ڪندڙ عاشقانِ رسول جي حوصلا افزائي لاءِ پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ شرڪاءِ قافلہ کي ديدار جو جام پياريو.

اسان قافلي ۾ سَفَر ڪريون، چا خبر اسان تي بہ ڪرم ٿي وڃي. گهٽ ۾ گهٽ هر مهيني 3 ڏينهن جي قافلي ۾ سَفَر جي نِيّت ڪري وٺو! اچو! ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## باغ جو پينگهو

حَيدر آباد جي هڪ محلي ۾ عَلاقائي دَوري جي دعوت ڪان مُتَاَثِّر ٿي هڪ ماڊَرن (Modern) نوجوان مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ قافِلن ۾ سفر جي ترغيب ڏياري وئي تہ هن قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ نالو لکرائي ڇڏيو. اجا قافلي ۾ ان جي روانگي ۾ ڪجھ ڏينهن باقي هئا تہ قَضاءِ الٰهي سان ان جو انتِقال ٿي ويو. ڪنهن گهر ڀاتِيءَ مرحوم کي خواب ۾ اِن حالت ۾ ڏٺو تہ هو هڪ سرسبز باغ ۾ نهايت خوش آهي ۽ پينگهي ۾ لُڏي رهيو آهي. خواب ڏسندڙ پڇيو، هتي

ڪيئن اچي وئين؟ ان نوجوان جواب ڏنو: دعوتِ اسلامي جي قافلي سان آيو آهيان، الله پاڪ جو وڏو ڪرم ٿيو آهي، منهنجي ماءُ کي چئجان تہ هو منهنجو غم نہ ڪري مان هتي ڏاڍو سڪون سان آهيان.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
پاؤ گے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اچو! دعوتِ اسلامي سان مِلي ڪري پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سُنتن جي ڌوم مچايون. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

میں مُبَلِّغْ بنوں سُنّتوں کا خوب چرچا کروں سُنّتوں کا
یا خُدا! درس دوں سُنّتوں کا ہو کرم بہرِ خاکِ مدینہ

## يومِ دعوت جو خصوصي شمارو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جڏهن کان ٺهي آهي، الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فضل و ڪرم سان وڌندي ئي پئي وڃي، هن ڀيري دعوتِ اسلامي پنهنجو 44 هون يومِ تاسيس ملهائي رهي آهي، ان موقعي تي شعبو ماهنامہ فيضانِ مدينہ پيش ڪري رهيو آهي خاص ماهنامو فيضانِ مدينہ: "فيضانِ دعوتِ اسلامي" جنهن ۾ توهان دعوتِ اسلامي جي هن وقت تائين جي ڪوشش ۽ ڪاميابين جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا ۽ ان کان علاوه ۞ مسجد درس جي ضرورت ۽ اهميت ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ فائدا ۞ قافلن ۾ سفر جا فائدا ۽ ثمرات ۞ دورِ حاضر کي نظر ۾ رکندي ڊيجيٽل لائبريري جو نظام ۽ دعوتِ اسلامي جو قدم ۞ دعوتِ اسلامي جي بين الاقوامي خدمتن جا ڪجھ پهلو ۞ مدني چينل بارن، جوانن ۽ پوڙهن کي ڇا ڏنو؟ ان کان علاوه بيو بہ گهڻو ڪجھ ڄاڻي سگهندا. هي خصوصي شمارو مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 50 روپين ۾ طلب ڪري سگهو ٿا.

# دارالافتاء اهلسنت ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي عِلْمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مَصْرُوف آهي، دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Darul Ifta Ahlesunnat (دار الافتاءِ اهلسنت). هن ايپليڪيشن ۾ توهان کي ملندا: ڪيئي مذهبي ۽ معاشرتي سوالن جون تحريري فتوائون ۞ عقائد جي مُتَعَلّق احڪام ۞ قرآن ۽ حديث جي مُتَعَلّق احڪام ۞ وضو، غسل ۽ ناپاڪيءَ جا احڪام ۞ نماز جي مُتَعَلّق مسئلا ۞ ميّت جي مُتَعَلّق مسئلا ۞ مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تَربيتي ۽ معلوماتي وڊيو ڪلپس ۽ بيان ۞ معاشرتي ۽ مذهبي حوالي سان رهنمائي ڪندڙ مختلف آرٽيڪلز (Articles) ۽ ڪتاب ۞ مفتيانِ ڪرام جا مختلف علمي، تربيتي ۽ شرعي معلومات تي ٻڌل سلسلا ۞ تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ گهڻو ڪجهه. هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو! پاڻ بہ فائدو ونو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

# ڪجھ ضروري اِعلانَ

پيارا اسلامي ڀائرو! رَبيعُ الاوّل شريف جو مهينو جاري آهي. اميرِ اهلسنّت مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ٻارهين رات تائين مسلسل مدني مذاڪرا فرمائيندا. سيئي ذِمّيدارَ ۽ عاشقانِ رسول هنن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين ۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ دِيني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائن ٿا، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو ”محبّتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم “ جو اِعْلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ اِلٰهي ۽ ثواب لاءِ ٻين ڏي بہ شيئر (Share) ڪيو!

۞ عوامُ النّاس خاص ڪري پارن ۽ اِسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن لاءِ سيرتِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موضوع تي لڪيل المدينة العلميہ جو بهترين ۽ مختصر ايوارڊ يافتہ ڪتاب بنامِ: "پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سيرت". مڪتبة المدينہ شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي. توهان هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان حاصل ڪري سگهو ٿا. هن ڪتاب جو نارمل هديو رنگين يعني 4 ڪلر واري جو 230 روپيا ۽ سادي جو 190 رپيا آهي پر 1500 هين يومِ جشنِ ولادت جي اسپيشل ميگا ڊسڪائونٽ آفر تي توهان هي ڪتاب رنگين 193 رپين ۾ ۽ سادو 159 رپين ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا. هن ڪتاب کي پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

۞ 1500 هين جشنِ ولادت جي خوشي ۾ مڪتبة المدينہ جي شاندار پيشڪش. 25 صفر شريف يومِ اعلىٰ حضرت (19 آگسٽ) کان وٺي يومِ تَحَفّظِ عقيده ختم نبوت (7 سيپٽمبر) تائين يعني عرسِ اعلىٰ حضرت کان يومِ تَحَفّظِ عقيده ختم نبوت تائين مڪتبة المدينہ جي سيني پراڊڪٽس تي 15 فيصد خصوصي ڊسڪائونٽ حاصل ڪيو! ائين ئي ان عظيم موقعي تي مَدَني پرچم (هر سائيز) ۞ بائيڪ ۞ ڪار ۞ ٽيبل فليگ ۞ فَلَاور اِسٽڪ ۞ ۽ دلڪش نعلين شريف جا بيج ۞ ۽ جشنِ ولادت ۾ دعوتِ اسلامي جي بينرز جو آرڊر بہ مڪتبة المدينہ جي دڪانن تي ڏئي سگهو ٿا. جلدي ڪريو، جشنِ ولادت جي تياري بہ ڪريو، فائدو بہ وٺو!

## ميلاد جي اجتماع ۽ ميلاد جي جلوسِ ۾ شرڪت جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ميلاد جو ڏينهن اچي رهيو آهي، اَلحمدُ لِلّٰہ! دعوتِ اسلامي جي تحت ميلاد جي رات عظيم الشان اجتماعِ ميلاد ٿيندو آهي، جنهن ۾ نعت خواني بہ ٿيندي آهي، بيان بہ ٿيندو آهي ۽ آقا جا ديوانا پنهنجي آقا و مولا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي خوب جهومي جهومي ڪري درودِ پاڪ جا نذرانا پيش ڪندا آهن ۽ صلوة و سلام پڙهندي صبحِ بهاران جو استقبال ڪندا آهن، توهان بہ هن اجتماع ۾ ۽ ٻارهين شريف تي ٿيندڙ جلوسِ

ميلاد ۾ لازمي شرڪت ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! ۞ خوب درود پاڪ پڙهڻ ۞ نعتون پڙهڻ ۞ پنهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير پڙهڻ ۽ خوب خوب آمدِ مصطفيٰ جا نعرا لڳائڻ جي سعادت حاصل ٿيندي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1500 واں جشنِ ولادت | مرحبا! صد مرحبا! | آئے شاہِ ختمِ نبوت | مرحبا! صد مرحبا! |
| آئے تاجدارِ رسالت | مرحبا! صد مرحبا! | آئے جہاں میں جانِ رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| صاحبِ عظمت وشان وشوکت | مرحبا! صد مرحبا! | سب سے بڑی اللہ کی نعمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| آمنہ چمکی تیری قسمت | مرحبا! صد مرحبا! | گود میں آئی ربّ کی رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪي اختتام ڏانهن آڻيندي، سُنّت جي فضيلت ۽ زندگي جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِىَ فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان محبّت ڪئي ان مون سان محبّت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سخاوت مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت آهي

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): سخاوت ڪندڙ الله پاڪ جي بہ ويجهو آهي، جنّت جي بہ ويجهو آهي، ماڻهن جي بہ ويجهو آهي ۽ جهنّم کان پري آهي.[2] (2): سخاوت جنّت جو هڪ وڻ آهي جنهن جون ٽاريون زمين ڏانهن جهڪيل آهن، جيڪو شخص انهن مان ڪا ٽاري پڪڙي ٿو، اها ان کي جنّت ڏانهن وٺي وڃي ٿي.[3]

1...تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2... ترمذی،سخاوت کا باب،صفحہ:479، حدیث:1961۔
3... شعب الایمان، سخاوت کا باب،جلد:7، صفحہ:434، حدیث: 10875۔

اي عاشقانِ رسول! سخاوت سُنّتِ مصطفٰي آهي: ۞ سخين جا سخي، مڪي مَدَني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪائنات ۾ سڀ کان وڌيڪ سخي هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت وقت سان مخصوص نہ هئي بلڪ پاڻ هميشہ سخاوت فرمائيندا هئا، عِلْم ورهائيندا هئا، مال ورهائيندا هئا، رَحْمَتِ الٰهي جي سخاوت فرمائيندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو سخي نہ ڪو ٿيو آهي، نہ قيامت تائين ٿيندو جو جنهن کي جيڪا نعمت ملندي آهي، ڏيندو الله پاڪ آهي، تقسيم قاسِمِ نعمت مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي فرمائيندا آهن:

نہ اُن کے جیسا غنی ہے کوئی، نہ اُن کے جیسا سخی ہے کوئی
وہ بے‌نواؤں کو ہر جگہ سے نوازتے ہیں بُلا بُلا کر

۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ دَر تان ڪڏهن بہ ڪو سُوال ڪندڙ خالي نہ ويو، حضرت جابِر رَضِیَ اللہُ عَنْهُ فرمائن ٿا: سائل چاهي ڪيتري بہ وڏي شيءِ جو سُوال ڪندو هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي انڪار نہ فرمائيندا هئا.[1] ۞ حضرت اِبْنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْهُما جو بيان آهي: نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني انسانن کان وڌيڪ سخي هئا، رمضان ڪريم ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت جو دَريا خوب جوش تي هوندو هو، رمضان ڪريم ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت تيز هوائن کان بہ وڌيڪ هوندي هئي.[2]

مانگیں گے مانگے جائیں گے منہ مانگی پائیں گے
سرکار میں نہ لا ہے نہ حاجت اگر کی ہے[3]

الله پاڪ سخاوتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان غريبن، فقيرن کي بہ ڪنجوسي کان بچڻ ۽ خوب دِل کولي سخاوت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1...ڪتاب الشفا، 92/1.
2...سيرت مصطفےٰ صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، سخاوت، صفحہ:623.
3...حدائق بخشش، صفحہ:225.

مختلف سُنّتون سکڻ لاءِ مکتبة المدينہ جو ”بهارِ شريعت جلد: 3، حصو: 16“، ۽ اميرِ اهلسنّت مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سُنّتون ۽ آداب“ خريد ڪريو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو[1]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

1...وسائل بخشش، صفحہ:669۔
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (1)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (2)

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (3)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ

1... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65
2... القول البدیع، الباب الثانی، ص277
3... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (1)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (2)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (3)

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (4)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
4... ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455